مولوي صاحب جو اھو فرمودو ته گونه سمجھڻ جو سبب آھي جو ته مڪتوبات شريف جو سمجھڻ عقل کان مٿي آھي جو ڪي مڪتوب عقل چرخ ڪري ٿا ڇڏن. ھائو جيڪي انھي دريا مان ٻھرو وٺندا آھن سي ائين ٿا چون ته حضرت مجدد الف ثاني قدس سره جي ڪشف في ڪتابه غبار جي ذري ذري ڏٺل آھي جنھن بيان ٿيو. ولله درُّ من قال ؎

تو چه داني زبان مرغان را — كه نديدي سليمان را

ھائو جيڪڏھن ڪشف جي تقديم ۽ ھڪ جي تاخير ٿي ھوندي جا ممڪن آھي ته به تقديم ۽ تاخير جي نظائر جي خبر انھن کي ھوندي جيڪي سند ۽ حضور ۾ رھندا ۽ وقت کي قريب ھوا انھي جيڪي طرح جاڻندا، صدھا ڪتاب لکي ويا آھن. ھاڻي جيڪو ٿيون اجتھاد ڪندا انھي تقليد ڪرڻ ۾ ته ايندي.

ظاھر آھي ته پنھنجي مذھب حنفي ۾ پڻ ھاڻي گھڻا اعتراض ٿا ڪن. اسانجي گھر جي ته انھن جي اقتدا ڪريون حضرت سرور ڪائنات صلي الله عليه وسلم جي ارشادن سڳورن کي انھن سمجھو، جي سند ۽ وقت کي قريب ھوا، اسين دوري جي داغ جا داغدار آھيون اسان کي ڪھڙي سمجھ پئجي سگھندي.

---

لله تون پکين جي زبان کي ڇا ڄاڻين؛ تون حضرت سليمان على نبينا وعليه الصلوة والسلام جي زماني کي نه ڏٺو آھي

يقين آهي ته تقدم، تاخر، مابعد ۽ ماسبق
جا پورا واقف آهي هو لڇن جا حوالا پيش ڪيا ويا.
هاڻو ڪي مڪتوبات شريف ۾ ڪن اعتراض
ڪيا آهن ته اهو سند ن جهل جو سبب آهي اهن
جي شبهن جا جواب خود مڪتوبات شريف ۾ موجود آهن
سند ن ڪلام، بگو شريعت سان لڳو آهي. جيڪڏهن
ڪن وليئن ڪان شطحيات صادر ٿيون ته اهن
جي ڪلام کي به تاويل ڪرڻ ضروري آهي، جو ته اهي
سڳورا عذر وارا آهن پوءِ جو ڪلام حضرت مجدد
الف ثاني قُدِّسَ سِرُّهٗ جو، جو خاص شريعت سان
لڳو آهي ان تي ته اعتراض ڪرڻ محض فضولي آهي
مڪتوب ميدن اصاحب قُدِّسَ سِرُّهٗ جو عينسه
مختصر او تاريان تو "مقامات مظهري ص ٩٢ مطبوع مجتبائي"

برخوردارا از اجوبه شبهائے ڪه بر مقالات ڪرامت آيات
قيوم رباني مجدد الف ثاني رضي الله تعالى عنه بزعم
بيخبردان وارد مي شوند استفسار ڪرده اند بمطالعت
درآمده دريابند ڪه بنائي اين اعتراضات برجهل
يابر حسد واين رسم انڪار معمول قديم اهل تعصب
است در تڪفير شيخ اڪبر رحمة الله عليه
واڪابر ديگر رسالها نوشته اند

وحضرت مجدّد در مکاتیب خود جوابہائے ہمہ شبہات بطریق دفع دخل تحریر فرمودہ واز اولاد امجاد ایشان حضرت شاہ یحییٰ رحمۃ اللہ علیہ رسالہ مفصل درایں باب و حضرت مولوی فرخ شاہ رحمۃ اللہ علیہ رسالہ مسمیٰ بکشف الغطاء عن وجہ الخطا بطریق اجمال تحریر نمودہ اند واز مخلصان آنجناب مولانا محمد بیگ ترکی ثم المکی رسالہ مسمّیٰ بعطیۃ الوھاب الفاصلۃ بین الخطاء والصّواب مشتمل بر تفصیل اسولہ واجوبہ در ردّ رسالہ محمد برزنجی تلمیذ شیخ کردی ثم المدنی نوشتہ بمہر ہائے علمائے مذاہب اربعہ دیار عرب مسجل ومسلم گردانیدہ ومادّۂ حسد ظہور معارف غیر متعارف ہست از جناب ایشان کہ در قرن اوّل وثانی شیوع داشتہ وبعد قرون ثلثہ مشہود بالخیر در پردۂ کمون رفتہ از خصوصیّت طینت مطہرہ ایشان کہ بقیت طینت مقدس جناب رسالت بعدہ بروز نمودہ اند

نے نے قرار تربت یثرب گرفتہ اند

پنہان زشام وروم بہ سرہند پشتہ اند

وانصاف آن ہست کہ اوّل دوشان قائل مقامات نظر کنند اگر متبع کتاب وسنّت ہست واکثر اعمال واقوال او موزون بمیزان شریعت ہست پس متشابہات کلام اور اموافق محکمات کلام او تاویل کنند یا

بعالم السّر والعلانية واگذارند وا وراں معذوروا رند
چراکہ ایں قوم را عذر ہائی بسیار عارض می شوند
گاہ در غلبۂ حال عبارات ایشان بمرادات ایشان
مساعدت نمی کند وگاہ در معلومات کشفی بنا بر
خلطِ وہم وخیال خطا واقع می شود ودر آن خطا
مثل خطا اجتہادی معذور اند وگاہ اطلاع بر اصطلاح
ایشان میسّر نمی آید پس برعایت ایں امور ترک
اعتراض لازم ست خصوصًا بر کلام کرامت
انتظام حضرت مجدد محض فضولی ست کہ بنائی
طریقۂ ایشان بر اتباع سنّت ست ومصنّفات
ایشان مشحون ہمیں نصیحت وموعظت ست
وباشتر سبب ہیجان ایں فتنہ انکار توحید وجودی
ست واثبات توحید شہودی ست چراکہ از چہار
صد سال یعنی از عہد حضرت شیخ ابن عربی رحمۃ اللہ
علیہ تا عہد مبارک ایشان او عیۂ اسماع واذہان
مردم از مسئلہ وحدت وجود مملو بودہ ست وانکار
حضرت مجدّد بر توحید وجودی نہ مثل انکار علمائی
ظاہر ست الخ

تہائي مولوي صاحب کي معلوم ٿيو هوندو تہ ڪشف
حضرت مُجدِّدِ الف ثاني قُدِّسَ سِرُّہٗ جا سڀ صحيح
۽ سالم آهن ۽ جيڪڏهن ڪو تفاوت واقع ٿيو هوندو

تنهن به اڳين بزرگن کي اُنهي واقفيت هوندي، جيڪي حضرت مجدد الف ثاني قُدِّسَ سِرُّهٗ جي ڪلام ۾ شبها ڪيا آهن ته اهو سندن جهل جو سبب آهي، جو ته جيڪي به شبها ڪنهن کي پيا ته اهي مڪتوبات ۾ حل ٿيل آهن ـ شاه فتح محمد چشتي مناقب العارفين ۾ لکي ٿو ته هڪ شخص افغان مڪتوبات شريف کي ٽيو ڪري اعتراض ڪرڻ لڳو، نيٺ وٺي سڳوري جي غيرت سبب مرتد ٿي پيو ۽ بادشاهه جي بخارا ۾ ٿاهي ۾ چڙهايو بهرحال وليين سڳورن جي ڪلام تي اعتراض ڪرڻ لائق نه آهي ـ

**قوله** :- هي فقير الحمد لله اگرچه قادري آهي ۽ حضرت غوث الاعظم قَدَّسَ اللّٰهُ سِرَّهٗ جي خاص ڪتو آهي ـ سندن درگاه فيض اشتباه کان هر طرح مدد ۽ فيض جي حاصل ٿيڻ جو اميدوار آهي، پر تڏهن هوندي بين طريقن جي بزرگن جو خاص غلام ۽ معتقد آهي ـ

**اقول** :- اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ اها نعمت ۽ ابيائي جي نشاني آهي ـ هي مسڪين به ”شڪر خداوند جَلَّ وَعَلاَ جو“ اگرچه مريد خادم درگاه عرش جاه حضرت امام رباني مجدد الف ثاني قُدِّسَ سِرُّهٗ جو آهي، مگر سيني بزرگن جو عموماً ۽ حضرت غوث الثقلين قُدِّسَ سِرُّهٗ جو خصوصاً اعتقا

ڪامل بلڪ اڪمل ٿو رکي. اميد ته ايمان سان لاڏاڻي
بہ ٿئي ٿو انهن سڳورن جي محبت جي مُهابي ٿيندو

شنيدم ڪہ در روز اميد وبيم بدان را به نيڪان ببخشد ڪريم

**قوله:** امام رباني مجدد الف ثاني قدس الله سره
سان بہ ڇڪو اعتقاد رکان ٿو. ان جا ڪتاب بہ چڱي طرح ڏٺا اٿم.

**اقول:** الحمد لله حضرت امام رباني مجدد الف
ثاني قدس سره ڏانهن اوهانکي ڇڱون اعتقاد آهي
جي اوهان پاڻ عالمن سڳورن جو اهو اعتقاد نہ
هوند و تہ پوءِ بہ عامن جو ڪهڙو حال ٿيندو
جيڪي منڪر مجدد الف ثاني قدس سره جا آهن تن
لاءِ ڪنهن سڳوري "انوار احمديه" ۾ ڇا نہ
چڱو فرمايو آهي ؎

آن مجدد ڪہ داشت احمد نام | آن نهنگ محيط بحر آشام
آسماني هست پر مه و پروين | بوستاني هست پر گل و نسرين
رحمت ايزدي بجانش باد | لعنت حق بد ڪمانش باد
هر ڪه او دشمن خدا باشد | دشمن جمله اوليا باشد

حضرت امام رباني مجدد الف ثاني قدس سره جا
منڪر جو تہ عذاب جي لائق ٿين جو سندن شان ۾
حضرت سرور ڪائنات صلي الله عليه وسلم حديثون
فرمايون. هڪ حديث تہ "حضرات القدس" ۽ ٻي
"روضية القيوميه" ۾ آهي جا حديث شريف "اخبار الاخيار"

شيخ نارنولي، شيخ نظام ٿانيسري، شاهه قاسم سليماني،
خواجه خاوند محمود لاهوري، شاهه فتح الله سنڀلي
سيّد ميرڪ شاهه بلخي، سيّد مير مؤمن بلخي، مولوي
عبدالحق محدث دهلوي، مولانا جمال تلوي لاهوري
مولانا حسن قبادياني، مولانا نولڪ وغيرهم.

سيّد مير مؤمن بلخي ۽ شيخ المشائخ سيّد ميرڪ
قُدِّسَ سِرهما هڪ ڏينهن ارشاد فرمايون ته ”هن
تاريڪ زماني جي بي وقوف ماڻهن کي حضرت امام رباني
مجدّد الف ثاني جي قدر جي ڪهڙي خبر، جيڪڏهن
سلطان العارفين بايزيد بسطامي يا سيّد الطائفه
جنيد بغدادي ۽ اهڙا ٻيا اُمّت جا ڪامل هن وقت
هجن ها ته هوند انهيءَ مردِ خدا جي غاشيه برداري
سان
ڪَنُ ها ۽ دل جان مريد ٿين ها.

هي نفي بيت حضرت شيخ المشائخ سيّد بلخي قُدِّسَ
سِرُّهٗ هڪ ڏينهن حضرت امام رباني مجدّد الف
ثاني قدس سره جي مڪتوبات شريف جي مطالعي ڪرڻ
وقت پڙهيا آهن.

مجدّد شيخ ما سرشار عرفان — که سلطان هزاران بايزيد است
مريدان و مريدانِ مريدان — جنيد و شبلي و شيخ فريد است
خمير طينتش داني که از چيست — با واز سته عالم رسيده است

اهڙيءَ طرح ٻين ثناخواني فرمائي آهي. كذا في روضة القيوميه وغيرها

تحرير لکڻ وقت وِسري ويا هوندس ظُنُّوا الْمُؤْمِنِيْنَ خَيْرًا

**قوله:**- مکتوبات شريف سنڌي ترجمو جو ڇاپو صريحًا غلط آهي.

**اقول:**- علي الحموائين نه ڇپيو ته سڀ ڇاپا غلط آهن، ها ٻُڌو اٿئي ڇاپا غلط ڏسڻ ۾ پيا اچن جي سڀ ڇاپا غلط هجن ها ته هوند علامه محمد مراد مکي ساري مکتوبات شريف جو ترجمو عربي ۾ نه ڪري ها يا ترڪستان جا عالم ساري مکتوبات شريف کي ترڪي ۾ نه ڪن ها، جو حدائق الورديه جي ديباچي ۾ آهي ته مکتوبات شريف ترڪن ترڪي ۾ ڪئي آهي اهـ پڻ جي سڀ ڇاپا غلط هجن ها ته علامه دين محمد صاحب مکتوبات شريف جو ٽيهن حصن ۾ اردو ترجمو نه ڪري ها - هن مسڪين راقم الحروف وٽ قديمي ڇاپو مصطفائي نهايت صحيح و سالم موجود آهي، اهڙيطرح ٻين وٽ به موجود هوندا - مهنجو اهو عقيدو ڪونهي ته اهڙو ڇاپو مون وٽ آهي ٻين ڏانهن به نه هوندو -

معلوم ڪرڻ گهرجي ته مکتوبات شريف حضرت امام رَبّاني مُجَدِّدِ اَلفِ ثاني قُدِّسَ سِرُّهٗ جي وقت ۾ عربستان تائين پهچي وئي هئي، جنهن تي سيد محمد برزنجي جو علم ظاهري کان واقف هو اعتراض ڪرڻ لڳو جهڙيطرح

الحمد لله آئون به اُن قطب العلمين جو مريد آهيان ۽ مون
وٽ به اهي ڪتاب موجود آهن

**قوله:-** انهن ڪتابن جي مطالع ڪرڻ ۽ خوض
ڪرڻ کان پوءِ جيڪا ڳالهه مونکي معلوم ٿي، سا هيءَ
آئون توکي ٻڌايان، اُها اٿيءَ قول فيصل جي انصاف
ڪندين ته ورهي هڪ گهڙي ڪين چوندين ته امام رباني
ڪو حضرت شيخ عبدالقادر جيلاني کان وڏو آهي۔

**اقول:-** هي مسڪين ڪونه ٿو چوي ته حضرت
امام رباني مجدد الف ثاني قدس سره ڪو حضرت محبوب
سبحاني قدس سره کان وڏو آهي، پر اڳيان به رهيا آئين
نڪي ويا آهن آئون ته سڀني جو غلام آهيان۔

**قوله:-** وڏ چايو مَتَ به هرگز ڪين جي سگهندين

**اقول:-** اهڙي لفظ جرأت ءِ بي ادبي جا وهين
صاحب ٿا لکو اسانکي اهڙي جرأت ڪرڻ جي خداءِ
جل وعلا توفيق نه ڏيندو۔ باقي پنهنجي مرشد ڏاهن
ازدياد محبت، جو في اختيار ٿيندو آهي تهن ۾
ڪا شريعت جي منع ڪانهي بلڪ واجب آهي جيئن
مطبع مجددي "مبدأ معاد" ۾ ڪيترين جاين تي اهي اشارا ڏنهن

**قوله:-** آئون توکي اهو قول فيصل هتي ٿو ٻڌايان
پوءِ وٺين ته مڃين وٺي ته هٿ ڪري رهه۔

**اقول:-** الله جل وعلا شال هٿ کان بچائيندو

اے برادر حضرت امیر چونکہ حاملِ بارِ ولایتِ محمدی علی صاحبہا الصلوٰۃ والسلام والتحیۃ اند تربیتِ مقام اقطاب و ابدال و اوتاد کہ از اولیاء عزلت اند و جانبِ کمالاتِ ولایت در ایشان غالب ست مفوض بامداد و اعانتِ آنحضرت ست سرِ قطب الاقطاب کہ قطب مدار ست زیر قدم اوست قطبِ مدار بحمایت و رعایتِ او مہم خود را سرانجام می نماید و از عہدۂ مداریت برمی آید حضرتِ فاطمہ و امامین نیز درین مقام با حضرتِ امیر رضی اللہ تعالیٰ عنہم شریک اند الخ

حضرات شیخین ۽ ختنین جي ثنا خواني انهي ساڳي مکتوب ۾ بہ لکهي فرمائي اٿن - حضرت شيخ عبد القادر جيلاني رضي اللہ تعالیٰ عنہ جي تعريف بہ اڳي لکهي قدس لکي اٿن ست جاري نکي اٿن يعني آخري مکتوب ۱۲۳ دفتر ٽيون حصو نائون مکتوبات شريف مطبوعه مجددي امرتسر ص ۱۴۴ ۾ سو حضرت محبوب سبحاني قدس سرہ جي فرمودي موجب - اهو سارو قصو حديقہ محموديہ جي اخير ص ۱۶۲ ۾ آهي

ٺهائي ساڳو مکتوب (مکتوب ۱۹۳ مکتوبات حضرت خواجہ محمد معصوم قدس سرہ دفتر اول) بجنسہ لکي اڳيان توهان مطالع ڪريو ته سو ص ۲۲۲ (مکتوبات ص ۳۶۹)

الحمد للّٰہ والسلام علیٰ عبادہ الذین اصطفیٰ حضرت ایشان بارا قدسنا اللہ سبحانہ

جیلانی قدسنا اللہ سبحانہ بسرہ الاقدس را ہم بیان کردند
چنانچہ در مرض اخیر این ذرۂ حقیر را وصیت بنوشتن
بعضے از این اسرار کہ قابل اظہار بود نمودند چنانچہ این
فقیر بمقتضائے وصیت در ایام عزای آنحضرت بحسب
فہم قاصر خویش با چشم گریان ودل ریش مواجہ روضۂ
منورہ نشستہ آن دریائے ناسفتہ را در سلک نظم
کشیدہ و داخل مکتوبات قدسی آیات آنحضرت گردانید
چنانچہ ختم مکتوبات جلد ثالث ہمان مرقومات مقرر گشت
والسلام علیکم وعلی من لدیکم۔
اميد ته مولوي صاحب جن اهو مكتوب مطالعو كيو
پنهنجون بيون غلطيون به معلوم كندا۔

**قوله**:- ان مان اها ڳالهه معلوم ٿي ته وفاتي
كان اڳي انهيءَ امام رباني كي حضرت عبدالقادر
جيلاني رضي الله عنه جي پوري دل جي خبر پئي هئي، جو چاتي اهو به ته نائين رحمة الله رحمة واسعة

**اقول**:- صديار يقين آهي ته حضرت محبوب
سبحاني سيدنا شيخ عبدالقادر جيلاني قدس الله
تعالىٰ سره الاقدس جو در جو خلفاء الراشدين ۽
امامن سڳورن ۽ نبين سڳورن كان گهٽ آهي عجب
تو ڳي جنهن حضرت امام رباني مجدد الف ثاني قدس سره
هڪ ولي، خلفاء الراشدين، امامن، نبين جي شاه

ھن تنگ رسالہ ۾ ماپڻ مشڪل آھن -

**قوله** :- حق تہ اٿئي اِھا ڳالھ پوءِ وٺئي تہ مڃ
وٺئي تہ انڪار ڪر -

**اقول** :- آئون بہ عرض ٿو ڪريان تہ حق اٿئي،
اھا ڳالھ جا جواب ۾ حوالن سان ڏيندو ٿو اچان
اوھان جي مرضي مڃيو يا انڪار ڪيو -

**قوله** :- انھيءَ ڳالھ جا نظائر گھڻائي موجود آھن
بھجة الاسرار ۽ نزھة الناظرين ۽ نزھة المجالس
۽ ٻين ڪيترن ڪتابن ۾ ھي ڳالھ لکيل آھي تہ يمن ۾ ڪو
وڏو ولي ھو عبد الرحمٰن نالي حضرت شيخ عبد القادر
جيلاني جي ڏينھن ۾ ھڪ دفعہ حضرت سيد جيلاني جي
مجلس ۾ ڪنھن شخص اچي عرض ڪيو تہ سائين يمن ۾
شيخ عبد الرحمن يمني جمعہ جي ڏينھن وعظ ڪندي فرمايو
تہ عبد القادر جيلاني جو نالو ھن زمين تي جتي ڪٿي بکري جي
ويو آھي مگر حقيقت ۾ اسان ست ورھ سير ڪيو آھي تہ
انھيءَ جي رڳ ڪي نہ ڪو اندر ڏٺو سون نہ ڪو باھر تنھن ھن پاڻ
حضرت عبد القادر جيلاني فرمايو تہ ڏر يا ان کي چئون
پھر وٺڻ ڏيندو ٿو سياھي اندر جي حضور جي ويٺلن کي چيو
ڏسي سگھندو؟ تون وڃي عبد الرحمان کي چئو تہ عبد القادر
جيلاني تو کي چوي ٿو تہ ھن سال قدر جي رات رمضان جي ۲۷
تاريخ تو کي جيڪو گوخد اڃي نور جو مليو ھو جنھن جي مٿان

مونکي چيائين ته آئون توسان ڪُشتي ڪريان. بهرحال اُهو
ٻنهي رڳو مغلوب ٿي چڪو ٻڌو ته تون ڪٿان جو آهين؟
ان شخص چيو ته بغداد شريف جو، حضرت غوث الثقلين
قُدِّسَ سِرُّهٗ جو مريد آهيان - پوءِ شيخ عبدالرَّحمٰن
قُدِّسَ سِرُّهٗ فرمايو ته آئون چاليهه ورهه قدرت جي دروازي
تي رهيو آهيان - حضرت شيخ عبدالقادر جيلاني قدس سره
کي نه اندر ڏٺم نه ٻاهر الخ -

معلوم ٿيو ته هاڻي ٽين غلطي آهي، جو مولوي صاحب
لکيو آهي ته "مگر حقيقت ۾ اسان ست ورهه سيکيو"
پنجين غلطي هي ته مولوي صاحب جي لکڻ مان معلوم
ٿو ٿئي ته حضرت غوث الثقلين جگر گوشهٔ حسنين
ڪريم الطرفين جناب حضرت محبوب سُبحاني قدس سره
ان وقت حاضر هو، حالانڪ ائين نه آهي پاڻ ان
وقت بغداد شريف ۾ پنهنجن مريدن سان وعظ ۾
مشغول هوا ۽ پڇڻ کي فرمايائون ته اوهين ٻئي
طفسونج ته اڻ وڃو شيخ کي چئو ته شيخ عبدالقادر
جيلاني توکي سلام ڏئي ٿو وهو چيائين ته "تون
دروازي تي آهين ۽ اهو اندر حضور ۾ آهي، دروازي
وارو حضور واري کي ڪونه ڏسندو آهي - انجي علامت
هي آهي ته هڪ نئون سفيد وڳو، جو قل هو الله (سورة
سڳوري) منقش هو تو ڏاهڻ مرڪليو ويو آهي جنهن

هوندا هجن يا ڪتاب کوليو اٿن پر ڪاوڙ جي جوش ۾ پوري وڏس ٽيڪ تي نه آيا اٿن ۽ وسري ويو اٿن. ظنوا المؤمنين خيراً.

در حقيقت اها ڪرامت حضرت امام رباني مجدد الف ثاني قدس سره جي آهي جو مولوي صاحب اُن محبوب جي ثالي ڪيترين جا اُتون هليو آهي تهن ڪري سند نه تحرير ڪرڻ جا تي پيروي نه ٿي آهي. وري به پڙهي لکيل کي غور ڪري ڏسڻ گهرجي تہ ڇا لکيل آهي؟

**قوله:** سچ ڪري ڏسو تہ ڪوبہ ولي انهي حضرت پيران پير رضي الله تعالیٰ عنه جي مدد کان سواءِ هرگز ولايت کي پهچي نٿو سگهي.

**اقول:** بي شڪ اڳ جيڪو ويو تہ سند ۽ نص نہ جي جي قدمن تان ولي آهن مگر اخص الخواص ۽ جيڪي ڪمالات نبوت کان مشرف آهن سي نہ پير قدمي کان ٻاهر آهن جو اهو قول حضرت غوث الثقلين قدس سره پاڻ عالم روءِيا ۾ قبول فرمايو آهي ۽ اهو انهن بہ ثابت ٿي آيو تہ هن هزار ۾ سيڪيون ولي حضرت مجدد الف ثاني قدس سره جي وسيلي سان ولي ٿو ٿيئي. مجدد مائة ۽ مجدد الف ۾ ايترو فرق آهي جيترو سوءِ ۽ هزار ۾ بلڪ زياده.

**قوله:** ڏسو تہ مرحوم محمد سيد لواري واري

حضرت محبوب سبحاني پير پيران دستگير بيكسان
حضرت پير صاحب را ملقب به سيد الجن و الانس
مي نمودند واوشان را مرشد خود مي گفتند۔

حضرات مجددي حضرات خواجگان قدس الله اسرارهم جي ختمه مبارڪ ۾ حضرت محبوب سبحاني قدس سره جو ختمون پڻ گڏي پڙهندا آهن ۽ سندن روح پر فتوح جو هديو فرمائيندا آهن - خصوصًا اهي حضرات جيڪي حضرت خواجه عروة الوثقى محمد معصوم قدس سره جو اولاد مٽياري شريف ۽ ٽنڊو سائينداد شريف ۾ آهن، سي ته حضرت محبوب سبحاني قدس سره جو ڏهٽاڻو آهن - انهن حضراتن جو حضرت غوث الثقلين قدس سره نانو آهي جيئن ته "عمدة المقامات" ۽ ٻين ڪتابن ۾ چٽو بيان ڏنل آهي۔

ڪتاب "لمعات الانوار" ۾ آندو اٿس ته حضرت خواجه بلاگردان شاه عبدالقيوم قدس سره کي حضرت محبوب سبحاني قدس سره ظاهر ٿي فرمايو ته توهان منهنجي اولاد مان آهيو - اهو ئي سبب آهي ته حضرات سڳورا حضرت محبوب سبحاني قدس سره جو انتهائي قدر ادب ڪندا آهن جو اسان ۽ اوهان کان ڇي نه سگهندو ڇو ته هو اهل بصيرت جا آهن۔

**قوله:**- خود امام رباني به اهو اقرار ٿو ڪري

جو چوي ٿو ته مونکي ولايت اصل الاصل واري ڳالهه بزرگن جي مدد سان ملي -

**اقول**:- انهيءَ عبارت جو جواب اڳ گذري آيو ته عروج اخير جو مطلب نسبت فرديت مان آهي جو پاڻ ان عبارت جي هيٺان فرمايو اٿن ته

واين درويش را بايه نسبت فرديت که عروج اخير مخصوص بآن ست که از پدر بزرگوار خود حاصل شده بود الخ مبدا معاد ص ٥ مطبع مجددي سطر ٥ - مطبوعه مجتبائي ص ٣ سطر ١٨

بهرحال انهيءَ عبارت جي اڳين بزرگن کي پٺ خبر هُئي ۽ سندن نظر مان گذري هئي يقين آهي ته اهي تعصب کان پري هوا نه ته هوند اهي تحقيق ڪن فتامّل -

**قوله**:- ته هن مولوي صاحب کي توبه ڪرڻ گهرجي ۽ اهڙو ڪتاب نه لکڻ گهرجي -

**اقول**:- هن مسڪين ته رَوضَةُ القَيُّومِيه جو ترجمه ڪيو آهي جو حضرت خواجه محمد احسان قُدِّسَ سِرُّهٗ جو تاليف ٿيل آهي، جنهن ۾ احوال مجدديه بيان "هدية احمديه (مطبوعه مجتبائي واري) پٺ لکيو آهي - انهيءَ ڪتاب جا حوالا ڪيترا ئي عالمن بزرگن ڏنا آهن، جهڙوڪ دُرِّ مَكنُونَاتِ

جي حاشيه تي ۽ ”تذييل الباقيات الصالحات وغيرها
۾ —— شاه غلام علي محدث دهلوي قدس سره
”رسالة ايضاح الطريقة مطبوعه امرتسر“ ۾
پڻ حوالو ڏنو آهي - ڪتاب ”ذڪر مجدديه“ (مطبوعه
لاهور) ۽ ”سوانح عمري امام رباني“ ۽ ”سلسلة الذهبيه“
۽ ٻيا ڪتاب جيڪي هندستان ۾ ڇپيل آهن اُهي
”روضة القيوميه“ جو حوالو ڏنائون، خود ”روضة القيوميه“
جو ترجمه هندستان ۾ ٿيو آهي (مطبع بليس پريس
فريد ڪوٽ پنجاب) شيخ ولي الله صديقي ان جو
مترجم آهي - اهو ڪتاب مطبع مجتبائي دهليءَ مان
ملي ٿو ۽ پڻ خانقاه سرهند شريف وٽان -

هاڻي مولوي صاحب جي خدمت ۾ عرض آهي ته
جن ”روضة القيوميه“ جا حوالا ڏنا آهن، جن
وٽ ”روضة القيوميه“ وظيفو هو سي توبه ڪري
ڪان سواءِ مري ويا ڇا؟ هاڻي انهن جي حق ۾ ڇا
ڪهڙي فتوىٰ ٿا ڏيو؟ الله جل وعلا شانه اهڙن
ڪفر جي ڪلمي ڪان پناهه ڏيندو وٽن ولي ڪامل جن
وٽان هزارها مڪمل ٿيا آهي توبه ڪان سواءِ مري
ويا هجن - وفات ڪيل مومنن ۾ اهو گمان
علي العموم نه ڪبو آهي پوءِ ولين ۾ بدگماني ٿيڻ
نه هيڪاري ٻين ڪم آهي -

آئون مولوي صاحب کي تون چوان ته او ”ها صاحبن کيميا ڪرامت“ ڪتاب جوڙيو آهي، جو پين ڪتابن جو ترجمو ڪيو اٿو ۽ ڪهڙي شخص ان ڪتاب تي اعتراض ڪيو آهي؟ شال رب سائين اعتراضي ڪان بچائيندو آمين - هاڻي پڻ ايوته توبه ڪهڙي گناه کان ڪجي -

**قوله:-** پر جي لکي پڻ روڪندو ته حضرت غوث جا غلام الحمد لله گهڻا آهن جو انشاء الله تعالیٰ ائين پڇيندو ري ڦٽو ڪندس جو پتو به نه پوندس -

**اقول:-** حضرت غوث جا غلام جيڪي سچا ٿي گذري ويا آهن ته حضرت مجدد الف ثاني رضي الله تعالیٰ عنه جي دروازي جو غلام ٿي گذاريو بلڪ سندن طريقي کان مشرف ٿي پاڻ کي مجددي قادري ٿي ڪوٺايو، جهن مڪتاب جي ترجمي ۾ تڪرار آهي اهو پهنجي مجلس ۾ اهن بار بار ٿي پڙهايو - ٿي سگهي ٿو ته هاڻي نوان نالي جا غلام اهڙا اسامات هوندا جي وليءَ جي ڪرامت جي رد ڪرڻ لاءِ تيار ٿيا هوندا اهو ڪو عجب ناهي سچ چيو اٿن ”مسلماني در ڪتاب مسلمانان در گور“ مونکي مولوي صاحب جو عجب ٿو لڳي ڇا بچائنس ٿو ته حضر

غوث جا غلامَ ڇا الهام کي ڇيندا ؟ يا مڪاشفات کي
يا ڪرامات کي ؟ - يقين آهي ته ڪتاب معلوم ۾ اهي
ڦي بيان آهن، پوءِ جي ائين ٿي بيناته ڇٽبو ته اهي
حضرت غوث جا غلام نه ڇٽبا بلڪ نجدي ڇٽبا
نجدي قوم ته خود حضرت غوث الاعظم قَدَّسَ اللّٰه
سِرَّهٗ العزيز جي ياهين ڪرڻ ۽ سڻ ڪرڻ کان
منع ٿا ڪن ۽ پنهنجن ڪتابن ۾ لکن ٿا ته ولي اهو
ڪم نه ڪن ٿا نه ڪرائن ٿا پوءِ انهن کي غوث الاعظم
جو غلام ڪهڙي معنيٰ سان چئي سگهبو - يقين
تو جا ٿا ته اهڙو وقت ڪونه ٿي گذريو آهي جنهن
۾ ڪنهن به ٿيل، وليءَ سگورن جي ڪتابن کي
رد ڪيو هجي - نجدن به اهڙو ڪم نه ڪيو، هاڻي
جي اهڙا شخص پيدا اٿيا آهن، چئبو قيامت ويجها
آهي دَجَّال جي اچڻ ۾ دير ڪانه رهي آهي -
هن وقت جو مشائخ، طريقي قادري سڳوري
جو مسند نشين، شاه محمد صاحب، جو حيدرآباد
دکن ۾ رهي ٿو، انهيءَ سڳوري پڻ حضرت امام رباني
مُجَدِّدِ الف ثاني قُدِّسَ سِرُّهُ النوراني جي افادات جي
رد ۾ ذاڻهن متوجه ٿي هڪ ڪتاب جوڙيو هو - نواب
لشڪر جنگ بهادر، جنهن اهو ڪتاب ڏٺو اُن صلاح
ڏني ته استخارو ڪر - خواب ۾ ڏٺائين ته هڪ ميدان

۾ آهيان جنهن ۾ ٻارهن قطب مراقبي ۾ ويٺا آهن۔ شاهه معروف صاحب سلام ڏنو انهن مان هڪ قطب سلام جو جواب ڏنو، ۽ شاهه صاحب کي محبوبيت ٿيو ته هي سڀ قطب حضرت امام رباني مجدد الف ثاني قُدِّسَ سِرُّهٗ جي تشريف لاءِ انتظار ۾ ويٺا آهن جڏهن حضرت مجدد الف ثاني جن تشريف فرمائي، تڏهن سڀ خوش حال ٿي تعظيم لاءِ اُٿيا، جنهن قطب، شاهه صاحب کي سلام ورايو هو اُن حضرت مجدد رضه کي چيو ته هي شاهه معروف اُهو آهي جو اوهان تي اعتراضن لکڻ ۾ مشغول آهي۔ حضرت مجدد الف ثاني رضه شاهه معروف صاحب تي ڪرم جي نظر ڪيائين، جنهن ڪري گهڻي پشيماني کان پگهر ۾ ٻڏي ويو، جڏهن جاڳيو تڏهن سڀ ڪتاب پاڻي ۾ ڏوٻي ڇڏيائين ۽ اها ڳالهه نواب لشڪر جنگ بهادر سان ڪيائين۔ اهو قصو تفصيل سان حضرت شاهه صاحب جن شاهه وڪيل احمد صاحب سڪندر پوري سان ڳنبرگ جي سفر ۾ بيان ڪيو، سو سڄو قصو هدية مجدديه" ص ۹۱ مطبع مجتبائي ۾ آهي مطالع ڪري ڏسي گهرجي۔

بهرحال حضرت غوث ڄاڻجي ڪي سچا غلام آهن پر انهن کي نيت رَاللّٰهُ جَلَّ وَعَلَا ابليس جي جيتي ڪان ڇڏائي

معلوم ڪري سگهجي ته پتو پوي ٿو ته اهي علم باطني
ڪان عاري آهن، اُهي اصل ڪان وليءَ سڳورن
جا دشمن ٿين ٿا. ڏسو! ابن جوزي عليه
الرحمة حضرت غوث الاعظم جو سخت منڪر هو، مگر
الحمد لله جو ڪيس حضرت غوث الاعظم قدس سره
جي معافي ڏني جيئن ته خطبي اشعة اللمعات شرح
مشڪواة ۾ تصريح آهي. علامه ابن جوزي "تلبيس ابليس"
ڪتاب تصنيف جوڙيو آهي جيئن ته محدث دهلوي
اهو بيان پنهنجي رسالي ۾ ڪيو آهي. بهرحال وليءَ سڳورن
جي ارشادن تي هرگز اعتراض ڪري نه سگهجي. اهل
سڪر جي ڪلام جي ته تاويل ڪئي ويندي، اهل صحو
جي ڪلام تي اعتراض ته وڏي ناداني، حماقت،
جهالت ۽ آخر ۾ سبب ٿئي ٿو امت ۾ ضلالت جو آهي

**قوله:-** اصل سچي ڳالهه هي آهي ته حضرت
غوث الاعظم رضي الله عنه ۽ امام رباني جي وچ
۾ فرق مريد ۽ مرشد ۽ تابع ۽ متبوع ۽ هادي ۽
مهدي جو آهي.

**اقول:-** اڳين نادرين سڳورن فرق نه ڪيو،
مولوي صاحب کي شايد ڪو وڏو مقام حاصل ٿيو
آهي جو باطن جي اک کلي اٿس جنهن سان فرق ڪري ٿو
شرمت بادا هزار شرمت بادا ڪي مرشد جهان جا ۽ پيءُ

متبوع ۽ ٻئي مهدي آهن.

مولوي صاحب کي انگريزن جي پڳهار ڪانئڻ سبب شايد قلب ۾ نقطه ويندل آهي جنهن ڪري اهڙيءَ ريت چئو آهي سه بادرد ڪشان هر ڪه دراُفتاد براُفتاد اها نوڪري سندس ايئن نه هوندي پر نمڪ حرامي سندس ايئن إِذَا فَاتَ الشَّرْطُ فَاتَ الْمَشْرُوْطُ.

**قوله:-** حضرت غوث الاعظم آهي مرشد نه مُجَدِّدِي آهي مريد، حضرت غوث آهي متبوع هُوَ آهي تابع، هُوَ هادي نه هُوَ مهدي، هُوَ حضرت جيلاني آهي آسمان نه هي آهي زمين ڪٿي آسمان ڪٿي زمين، ڪاٿي ڪيئر، ڪاٿي ڪيئر ڪي تيو ڪوهيار، ڪاٿي ٿهت ڪٿي

**اقول:-** مولوي صاحب کي مجدد ۽ مُجَدِّدِي فرق جي خبر ڪانهي جرأت ڪري وڃي مُلّاحن وارا پهاڪا پچاري ۾ ڏيڻ لڳو آهي بهرحال اهڙي جرأت مولوي صاحب کي ڪرڻ نه گهرجي خبر نه ٿي پوي نه ڪهڙي سبب بزرگ قدم کي گهٽو تيز ڪيو آهي.

# ٭ نظم ٭

ولين جي ڪتابن ڪان نه ٿون ٿُهه مولوي صاحب

وَلِيَنَّ جواب ڪري ٿون :: اَکيا ترڏن اُهن ڏِرن تو :: نه ڪاوڙ ڏاهن ڇهڙون

جهڪو ٿرهُو مولوي صاحب

وَلِيَنَّ جو به آلڪيو :: انهن سَيَنّ ڪان سکيو :: انهن اُلفت منجها حڪو

ڇگو ڪَهُو مولوي صاحب

خُدائي ڦهڪا ڏج ٿون :: نه عِلمي ورنيٰ ڄ ٿون :: انهيءَ ڪان سگهيو ٽتون

ڪري پهُو مولوي صاحب

نصيحت ٻُڌ اها منهنجي :: نه ڳالهه ٻڌي ڪنهنجي :: ٿِيَڻ ڪاشل اِلگون سنهجي

بَه ٽوٻو مولوي صاحب

**قوله:-** لکندڙ حضرت غوث اعظم جو ڪتو محمد عثمان معلم الفقه مدرسة الاسلام ڪراچي بند ۔

**اقول:-** اِها ايمان جي نشاني آهي جو ولين جي محبت اوهان جي وجود ۾ آهي مونکي به دعا ڪان نه وسارينداﷲ !

العبد خاڪپاءِ مُجدّد نظر محمد مدرسه مُجدّد ديهه ديهات فقط والسلام

تَمَّتِ الرسالة الشريفة بعونه تعالیٰ و بتوفيقه

تاريخ ٩ رجب المرجب ١٤١٥ھ مطابق ١٣ ڊسمبر سنه ١٩٩٤ع عيسوي روز آچر

ڪتبه

نور احمد عفاعنه الصمد سومرو نسبًا نقشبندي مشربًا مدرسه مجددي ديهه ديهات شريف

# ضميمه

## از افادات

قطب العارفين فخر الكاملين زيب زينت مجددين
حضرت صاحب قبله عبدالله جان المعروف به شاه آغا
مُجَدِّدي سرهندي قَدَّسَ اللهُ تعالىٰ سِرَّہُ الاَقدس

ضميمه اوّل از فقير عبدالله عرف شاه آغا عفی عنه ص ٨

**قوله :-** (اي قَالَ المولوي عثمان الكهوڙو اهي)
پيو سبب هي آهي جو انهي مكتوبات امام رباني ۾ توڙي سندن ٻين كتابن ۾ تمام اهڙيون گهڻيون جايون آهن جي هڪ ٻئي جي برخلاف آهن هڪڙي هنڌ هڪڙي طرح ته ٻئي لکيون ڪري ٻئي هنڌ ٻي طرح، جي هڪ ٻئي جي تناقض آهن الىٰ آخره

**اقول :-** مولنا صاحب بار بار چوي ٿو ته حضرت مجدد جي كلام ۾ تناقض آهي - مهرباني ڪري اسانکي ٻن ٽين ۾ اسان ڏيکاري ته كهڙن جاين تي مولنا صاحب کي تناقض ڏسڻ ۾ ۽ سمجهڻ ۾ آيو آهي - هي ته فقط دعوىٰ آهي دعوىٰ جي واسطي ته ثبوت ۽ دليل ۽ شاهد گهرجي، بغير ثبوت ۽ شاهد جي دعوىٰ نامسموع ۽ مردود آهي -

اسانکي انهن كلامن مختلفن جا کي مثال به ڏيکاري ڏيو ۽ اسين انهن جا جواب ڏيون ۽ تطابق ڪري ڏيکاريون

اوّل مهرباني ڪري اسانکي تناقض جي معنىٰ ٻن ٽين ۾

سائين کا نه ٿئي - مون کان ڇيائين، درگاهه تي سڀ خير آهي؟
حضرت صاحب جن ۽ صاحبزادا سڀ خوش آهن، پيا ڪهڙا ماڻهو
مهمان آيل آهن؟ - مون چيو ته ڪهڙو پير صاحب خراسان آيل
آهي، حضرت صاحب جن به انکي تعظيم گهڻي ٿا ڏين - چيائين،
پير صاحب ڇا ٿو چوي، ڪهڙيون ڳالهيون ٿو ڪري - مون چيو
رات ڪچهري ۾ ويٺا هواسين، پير صاحب چيو ته "هن وقت
سرهندي پيرن ۾ به چڱا آهن، هڪ اوهانجو پير
صاحب سنڌ جو، ٻيو هرات ۾ ساڳي ملڪ ۾ آهي"
ته مولوي صاحب هڪل ڪري ڪاوڙ سان چيو هان!
پير صاحب ڇا چيو؟ مون چيو پير صاحب هيئن چيو -
وري مون تي هڪل ڪري مولوي صاحب چيو ته هو
غلط ٿو چوي، اهيو پير صاحب ڀُليو آهي، جو چوي ٿو
ته حضرت صاحب جهڙو ٻيو به پير هرات ۾ آهي سائين.
پير صاحب مرشد جهڙو ٻيو ڪو به پير دنيا ۾ آهي ئي
ڪونه - مون چيو سائين اوهين ته ڪونه ٿا چئو ته
پير صاحب جي ڳالهه اوهانکي ٻڌايم مونکي معاف ڪجو

وَأَجْمَلُ مِنْكَ لَمْ تَرَ قَطُّ عَيْنِي
وَأَحْسَنُ مِنْكَ لَمْ تَلِدِ النِّسَاءُ

ترجمو: توکان وڌيڪ سهڻو منهنجي اکين ڪڏهن نه ڏٺو آهي
۽ تو جهڙو حسين پٽ ڪنهن ماءُ نه ڄڻيو آهي

پورو ٿيو ضميمه

# تقريظ

از
حضرت والاشان مُحقق دوران فصيح البيان
حافظ القرآن حضرت قبله آغا محمد هاشم
جان صاحب مجددي سرهندي قُدِّسَ سِرُّهٗ
بِسْمِهٖ سُبْحَانَهٗ وَبِحَمْدِهٖ وَصَلّٰى عَلٰى حَبِيْبِهٖ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ
بَعْدَ التسمية والحمد والصّلوٰة على سيّد السّادات
حضرت مولانا مولوي حافظ نظر محمد صاحب سومرو رحمة الله تعالیٰ عليه کي الله سُبْحَانَهٗ وتعالیٰ ظاهري ۽ باطني نعمتن سان نوازيو هو. پاڻ ديني علمن جو جيّد عالم ۽ حقائق ومعارف الهيّه جو عارف کامل هو، پنهنجي حياتي شريعت ۽ طريقت جي خدمت ۾ صرف کيائين ۽ هزارين مسلمانن جي علمي ۽ روحاني پياس کي پنهنجي فيض جي درياءِ مان لاٿائين — پنهنجي مرشد کامل سراج العارفين مصباح الواصلين حضرت علامه حافظ خواجه محمد حسن جان فاروقي مجددي قُدِّسَ سِرُّهُ الاقدس سان بي پناه عقيدت ۽ محبت رکندو هو ۽ هر وقت سندن ڪمالات ۽ ڪرامات جي ذڪر ۾ رَطبُ اللّسان رهندو هو. حضرت قبله قدس سره به مولوي صاحب کي تمام گهڻو پيار ڪندا هوا ۽ پنهنجي اولاد جي طرح سمجهندا هوا. سندن هٿ اکرا هي نموذنا آهن

جن ۾ مولوي صاحب مرحوم ومغفور کي ”مُحِبُّ محترم اَخُوْنَا فِي اللهِ“ ۽ ”خَادِمُ الشَّرِيْعَةِ وَقَيِّمُ الطَّرِيْقَةِ“ ڪري لکيو اٿن - انهن ڪان وڌيڪ ٻي ڪهڙي فضيلت ٿي سگهي جو مرشد پاڻ پنهنجي مخلص ومريد کي اهڙن لقبن سان ياد ڪري -

مولوي صاحب جي تعزيت ۾ جيڪو ڏو خط لکيو اٿن تنهن ۾ تحرير فرمائن ٿا ته ”مولوي صاحب جي وفات جو ڏک ۽ غم ساري سنڌ جي اهل السنة والجماعت کي ڪرڻ گهرجي، جو مولوي صاحب هن زماني ۾ دين جو ٿنڀ ۽ اسلام جو رڪن هو - ٻيا جاءِ تي لکن ٿا ته ”مولوي صاحب جماعت جو روح روان آهي“ -

مونکي ياد آهي ته بالڪل ابتدائي عمر ۾ حضرت قبله قُدِّسَ سِرُّهٗ سفر ۾ هن ناچيز کي پاڻ سان وٺي ويندا هوا تنهن ڪري سورت جو سبق ڏئي مولوي صاحب کي فرمائيندا هوا ته هُن کي وچي سبق پڪو ڪراءِ - ٻوءِ مولوي صاحب مونکي سبق پڪو ڪرائيندو هو، جنهنڪري مولوي صاحب کي مان پنهنجو استاد تو سمجهان - الله سُبحانهٗ وتعالىٰ مولوي صاحب درجات کي بلند فرمائي - مولوي صاحب ڪم نفس متواضع، درويش صفت ۽ اخلاق فاضله سان سينگاريل هو، ناواقف ماڻهو ڪيس ڏسندو هو ته درويش ۽ فقير ڪري سمجهندو هو، پر جڏهن وعظ ۾ سندس جوش بيان

۽ تبحّر علمي کان واقف ٿيندو هو ته حيران ٿي ويندو هو
روضهٔ عاليه سرهند شريف جي زيارت بابرڪت کان
مشرّف ٿي حضرت قبله قدّس سرّهٗ جي همراهيءَ ۾ موٽندي
جڏهن دهليءَ ۾ قيام رهيو ته ان وقت مولوي صاحب جي وعظ
تي دهلي جا ماڻهو شيدائي پيا ۽ ورنه سنڌ ۾ وعظ
جون مجلسون ٿينديون رهيون. خلوص ۽ للهيّت جي
ڪري سنڌ ۾ بيان ۾ عجب اثر ٿيندو هو ته مولوي صاحب
اهل زبان دهلي وارن واري اُرْ دو ته ۾ ڳالهائي سگهيا.
سلسله عاليه مجدّديه جي هڪ وڏي خوبي اها آهي ته
سلسلي جا سڀ متوسلين ٻين سلسلن جي سڀني بزرگن سان
عقيدت ۽ محبت رکن ٿا ۽ نه صرف انهن جي عظمت جا قائل
۽ معترف آهن بلڪ انهن کي پنهنجو مرشد ڪري سمجهندا آهن.
انهن ۾ اهو تعصّب نه آهي ته پنهنجي سلسلي جي بزرگن کان
سواءِ ٻين اولياء الله ۽ بزرگن کي نه مڃن
سلسله عاليه مجدّديه هڪ درياءَ جي مثال آهي
جنهن ۾ گهڻيون نديون ۽ نهرون اچي پيون ٿيون. پوءِ
جيڪو به سالڪ ان درياءَ مان پيالو پيئي ته سو درحقيقت
انهن سڀني ندين ۽ نهرن جو پاڻي پيئي ٿو. ڇو ته سلسله
عاليه مجدّديه ۾ سڀني سلسلن جو فيض شامل آهي
قادري، چشتي، سهروردي ۽ ٻين طريقن جي بزرگن
خاص ڪري سلسله نقشبنديه جي اڪابر جي روحانيت

"ولي را ولي مي شناسد" مشهور ۽ صحيح مقولو آهي اسان بي خبرن کي انهن ۾ لب کشائي جي جرأت نه ڪرڻ گهرجي - البته ڪنهن قدر ان باري ۾ اسين پنهنجي قليل علم جي بناءِ تي جو چئي سگهون ٿا سو هي آهي ته انجيل ، تورات ۽ زبور ۽ ٻيا آسماني صحيفا برحق الله تعالىٰ جا برحق نبين تي نازل ڪيل آهن ليڪن قرآن مجيد جي درجي ۾ هرگز اچي نٿا سگهن تهڙي طرح ٻين چوٽي جي بزرگن ۽ اولياء الله جي تصنيفات ۽ ملفوظات به موجود آهي ۽ حضرت امام رباني مجدد منور الف ثاني جي تصنيفات ۽ مڪتوبات به موجود آهي - زهد و تقوىٰ ، ذڪر و فڪر رياضت و عبادت - اعمال صالحه ۽ اخلاق حميده جي باري ۾ ته انهن ڪتابن ۾ گهڻو ڪجهه ملندو ليڪن انهن کان سواءِ مقامات عاليه ۽ حقائق و معارف الهيه جي سلسلي ۾ جيڪي قدر ۾ مڪتوبات شريف مجددي ۽ سندن تصنيفات ۾ اٿل لپ موتي ۽ امل مال ٿا ملندا تن جي تلاش ٻئي هنڌ عبث ثابت ٿيندي - زهد و رياضت ۾ معرفت و حقيقت ۾ جيڪو فرق آهي تنهن کي مولائي روم ڪهڙي نه سُٺي پيرايه ۾ بيان ڪيو آهي -

سير زاهد هر مهے يک روزه راه ۔ سير عارف هر دمے تا تخت شاه

اهو خيال جو عرصه کان دل ۾ جاءِ گزين هو ، تنهنجي تائيد هن ڪتاب جي صفحه ۵۵ ۾ حضرت

شاهه غلام علي جي بيان ۾ پوريءَ طرح ثابت ٿئي ٿي، جو
دُرُّ المعارف جي صفحه ٧٩ ۽ صفحه ١١٦ ۽ صفحه
٢٣٤ تائين درج آهي - جنهن جو ترجمو هيٺ ڏجي
ٿو- حضرت شاهه صاحب فرمايو ته "معرفت
جون اهي ڳالهيون جو حضرت مجدد الف ثاني
رضي الله تعالىٰ عنهُ بيان فرمايون آهن
هن اُمت ۾ ڪنهن به انهن خواطرن نه ڪيو آهي
۽ اهي مقامات جيڪي حضرت مجدد الف ثاني
رضي الله تعالىٰ عنهُ تحرير فرمايا آهن علم
مان ڪنهن به اهي معرفتون تحرير جي
لڙي ۾ نه پوتيون آهن - زمين ۽ آسمان
۾ حق سبحانهٗ وتعالىٰ جي عرفان ۾ ڪو به ڪتاب
حضرت مجدد جي مڪتوبات قدسي آيات
جهڙو موجود نه آهي"۔
۽ ساڳي طرح حضرت شاهه صاحب فرمائيندا هوا
ته "ساري اُمت جي اولياء الله جون سڀ
معرفتون حضرت مُجدد جي ڪلام ۾
موجود مندرج آهن پر سندن مخصوص
معارف اولياء ڪرام جي ڪنهن به ڪلام
۾ هٿ نٿا اچن انتهىٰ"
مولوي نظر محمد رحمة الله عليه جي تربت ۾

حق سبحانهٗ وتعالىٰ نور جا ٿل وسائي، جو پاڻ وڏي محنت ڪري هي ڪتاب ”اَحْسَنُ التَّقْرِيْر“ لکيائين ۽ بزرگن جي ڪتابن مان پنهنجي مدعا جي ثبوت ۾ ايڏا احوال ڏنا ائين - حقيقت سج جي طرح روشن ٿي سامهون اچي ٿي. تنهن سان گڏ هن ڪتاب جي اها به خوبي آهي ته بين اولياء الله جي ادب جي دامن ڪٿي به هٿون نه وئي آهي.

محدثين ڪرام لکندا آهن ته حضور اڪرم صَلى الله عليه وسلم جي فضيلت سڀني نبين سڳورن تي ضرور بيان ڪجي ليڪن انهي انداز ۾ ته ڪن نه نبين جي معاذ الله توهين ٿئي.

ساڳئي نظريئي تي مولوي صاحب مرحوم به عمل ڪيو آهي مولوي صاحب مرحوم جو فرزند دلبند مولوي نور احمد سلمه ربه جو ”اَلْوَلَدُ سِرٌّ لِاَبِيْهِ“ جو مصداق آهي - تنهن کي الله سائين اها توفيق ڏني آهي جو پنهنجي والد ماجد رحمة الله عليه جو جواهر بي بها، ڪتاب ڇپائي رهيو آهي. مگر مان به خوش دل نور احمد کي چوندس ته انهي ڪتاب جو اردو ترجمو ڪري اهو به ڇپائي جو اردو وسيع زبان آهي ته هن ڪتاب جو فيض عام ٿئي

اَللّٰهُمَّ وفقنا لما تحب وترضاه وَاجْعَلْ
آخرتنا خيرًا مِّنْ اُوْلاه بحق حبيبك
صلى الله عليه وسلم وآله واصحابه
واولياء امته رضي الله تعالى عنهم اجمعين

عبده محمد هاشم مجددي عفي عنه

۲۳ صفر ۱۳۹۲ هه

فخر عاشقان دربار مجدد حضرت علامه حافظ شاه محمد جان قدس سره

جانه اظهار عقيدت جوڙ مايو آهي

الشيخ احمد في الورى ذاك الامام المقتدى — مَنْ كان قطب اوانه من كان فرد زمانه
مقدام صف الاصفياء مصباح نادي الاولياء — نبراس جمع الاتقياء من كامل اعيانه
بثّ الهداية في الورى قاد البرية نحوها — عمّ البسيطة كلها بسناه من عرفانه
علم الهدى من غيث الندى عين العطا — لِلّٰه من انصاره وللحق من اعوانه
دِيْنُ الهدى صارت به مخضرة افنانه — والشرك منقلع البنا يبكي على خذلانه
مَنْ ضاءت الدنيا بنور وجوده وظهوره — فالخلق اصبح شاكرا بجنانه ولسانه
مَنْ كان باهر حجة من ربه في خلقه — مَنْ كان واضح اية لله في اكوانه
جمع الشريعة ماهر الطريقة زاخرا — من جاء مخمورا الى الرحمن في رضوانه

كتبه احقر نور احمد سومرو عفي عنه
تاريخ ۵ شعبان المعظم سنه ۱۴۱۵ هجري مطابق
۷ جنوري سنه ۱۹۹۵ عيسوي روز جمعو
از مدرسه مجدديه ڀرڏيا
شريف

# «مناجات»

بدرگاه قاضی الحاجات منظومه من الحضرة العلامه
یعنی صاحب ضمیمه واخلاق جمیله واوصاف
حمیده حضرت قبله خواجه عبد الله جان المعروف به حضرت
شاه آغا سرهندی مجددی قدس سره بتوسل مشائخ
نقشبندیه وسلسله حضرات مجددیه از حضرت صدیق اکبر رضی الله عنه
تا حضرت خواجه محمد حسن جان قدس سره

بسم الله الرحمن الرحیم

(۱) حمد اول مچوان رب العلاجی واسطی
شکر بیحد خالق ارض و سماجی واسطی
(۲) پوءِ پچوان دل جانسان لک صلواتون ۽ سلام
سید الکونین ختم الانبیاجی واسطی
(۳) کرکرم مون تی خدایا مصطفیٰ جی واسطی
حضرت صدیق اکبر باصفاجی واسطی
(۴) رک سلامت دین ۽ ایمان منهنجو ای خدا
حضرت سلمان فارس پارساجی واسطی
(۵) نیک کر قسمت اسانجی ۽ سعادت کر نصیب
حضرت قاسم امام الاتقیاجی واسطی
(۶) صادقن ساحت کر منهنجو اله العالمین
جعفر صادق امام الاولیاجی واسطی

(٧) ڪري ياده دين ۽ ايمان اسانجو باليقين
بايزيد بوسطامي پيشوا اچي واسطي

(٨) بوالحسن سوخارقاني شهر جو ساڪن هيو
صاحب ڪشف و ڪرامت مقتدا اچو واسطي

(٩) حضرت شاهه بوعلي عالي حسب عالي نسب
صاحب علم و عمل نور الهديٰ اچي واسطي

(١٠) حُسن ظاهر حُسن باطن شيخ يوسف کي هيو
ڏي اسانکي حُسن بئي اُن مرتقا اچي واسطي

(١١) عبد خالق غجدواني هو امام العارفين
خلق جو رهبر ٿيو خاصو خدا اچي واسطي

(١٢) معرفت پنهنجي عطا ڪر ۽ محبت ڪر نصيب
پير ڪامل عارف راهه هُدا اچي واسطي

(١٣) نيڪ بختي ڪر عطا ۽ عاقبت محمود ڪر
حضرت محمود شاهه اصفيا اچي واسطي

(١٤) سلسلي جو پير ڪامل هو علي رامتني
حضرت بابا سماسي باصفا اچي واسطي

(١٥) پير پيرن وڏو هو سيد مير ڪلال
ڪم عقد و ڪنيار ڪو هو پير رباچي واسطي

(١٦) نقشبند نقش بند اُن هو بهاء الدين ولي
تنهن ڪيو روشن طريقو هي خدا اچو واسطي

(١٧) دل ۾ ذڪر حق جو جنهن خوچو رياڻ هرهڪ شب
حضرت يعقوب چرخي پيشوا اچي واسطي

(۱۸) بند نفس ۽ قيد شيطان کان خدا آزاد ڪر
خواجهٔ احرار شاهه بي ريا جي واسطي

(۱۹) زهد ۽ تقويٰ طهارت علم ۽ حلم و حيا
زاهد و درويش و خواجه امڪنگي جي واسطي

(۲۰) ڪر بقا بالله سان موصوف فاني غير کان
شيخ عبدالباقي باقي بقا جي واسطي

(۲۱) جنهن ڪيو روشن شريعت ۽ طريقت جو ڏيو
تنهن مجدد الف ثاني مقتدا جي واسطي

(۲۲) ڏي اسان کي يا الاهي تون گناهن کان پناهه
خواجهٔ معصوم اول حق نما جي واسطي

(۲۳) رنگ اسان کي دين ۽ ايمان جو ڏي اي خدا
صبغة الله شاهه بي رنگ و ريا جي واسطي

(۲۴) شاهه اسماعيل جو هو صاحب تقويٰ عجيب
جنهن ڪئي قربان جان تنهن جانفدا جي واسطي

(۲۵) خواجهٔ معصوم ثاني شاهه غلام محمد ولي
صاحب فيض و ڪرامت باصفا جي واسطي

(۲۶) دل اسان جي صاف ڪر ۽ زنگ ظلمت دور ڪر
شاهه صفي الله امام الاصفيا جي واسطي

(۲۷) شاهه فضل الله جو ٿيو فيض جاري سنڌ ۾
فضل ڪر يا رب اسان تي اوليا جي واسطي

(۲۸) حضرت شاهه عبدالقيوم هو اهڙو جانشين
صاحب علم و عمل فيض ۽ هدي جي واسطي

(٢٩) حضرت شاهہ عبدالرحمٰن هو سراج الاولياء
آفتابِ معرفت نور الهدىٰ جي واسطي

(٣٠) هو ابو ۽ پيراسان جو مخلصن تي مهربان
حضرت خواجه حسن جان رهنما جي واسطي

(٣١) هيترن پيرن ولين کي الله العالمين
تنهنجي در تي ميڙ آندم التجا جي واسطي

(٣٢) آهيان بيڪار ۽ بدڪار ڏاڍو وڃي عمل
ڪو نہ ڪيو ڪو مون عمل خالص خدا جي واسطي

(٣٣) نفس پروريءَ ۾ آهيان ڪاهل ۽ ڪميڻو آهيان
ڏي مونکي توفيق تون حمد و ثنا جي واسطي

(٣٤) نااميدي ڪا مڪر اي شاهہ آغا شاد ڪر
فضل ڪر جو آهي دافع هر بلا جي واسطي

(٣٥) سڀ مرادون پوريون ڪر ۽ دعائون مستجاب
تنهنجي رحمت آهي واسع هر گدا جي واسطي

(٣٦) اهل ۽ اولاد اسانجو شاد ڪر آباد ڪر
اهل بيتِ مصطفیٰ خير الوریٰ جي واسطي

(٣٧) پردو ڪر يارب اسانجي ننگ ۽ ناموس تي
فاطمه بنت النبي خير النسا جي واسطي

(٣٨) سڀ مريدن مخلصن کي رک سدا منت اي خدا
غازين بدر و حنين و ڪل بدر جي واسطي

(٣٩) آفتون سڀ دور ڪر ۽ گهر سندن معمور ڪر
۽ دل سندن مسرور ڪر حمد و ثنا جي واسطي

(٤٠) مشڪلات آسان ڪر دشمنن کان ڏي پناه
حُرمتِ شيرِ خدا مشڪل ڪُشا جي واسطي

تمت

٢٦ رجب سنه ١٣٨٤ھ

# شجرہ طيّبه

حضرات خواجگان نقشبنديه مجدّديه فاروقيه رحمانيه قدس سرهم منظومه من مؤلف هذه الرسالة الشريفة

بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ

(١) سڀ ڪا صفت ساراه ٿي مالڪ خدا جي واسطي
صَلٰوات حضرت تي پڙهان پنهنجي شفا جي واسطي

(٢) يا الاهي ڪر مدد ڏن جي لئي ڏي ڪا ملم
پنهنجي مٺي محبوب حضرت مصطفىٰ جي واسطي

(٣) محبت ڏيو پنهنجي مٺي ايمان جي ڏيو ڪا چڻي
حضرت بوبڪر صادق باصفا جي واسطي

(٤) سڪ ڏي سچي مرشد سندي تا موت تيان تنهنجي ري
سلمان صاحب دل سچي مخزن حيا جي واسطي

(٥) عاشق شريعت تي ٿيان پاڻي پرت جو ٿل پيان
قاسم امام الڪاملين ذو الاتقيا جي واسطي

(٦) ڏيو جام محبت جا مٺا سڪ جا ڏيو ساغر سُنا
جعفرِ صادق امامِ اصفيا جي واسطي

(٧) سُوَلي ٿيي سڪرات ۾ ڏيا ساه تنهنجي تات ۾
شاهِ مَردان بايزيد باد شاه جي واسطي
(٨) هيڻي جي حالن ڏي تو سو عيبن طرف ڪجھ نا پسو
شيخ عالم بوالحسن پيرِ هُدىٰ جي واسطي
(٩) محبت محمدؐ جي ڏيو شَلَ ويو سيني مون ڪان رهيو
بوعلي ڪامل ولي بدر الدجىٰ جي واسطي
(١٠) جيسين جهان ۾ پيو جيان شَلَ ياد تنهنجي ۾ هجان
هيڻن سندي حامي پڃي يوسف لقا جي واسطي
(١١) ڇائن چمان شل ڇپڻ سائين روضه حبيب ذوالمنن
عبد الخالق غجدواني رهنما جي واسطي
(١٢) حرص دنيا جو ڇڏيان مرشد اڳيان گوڏا ڏيان
عارفِ راهِ حقيقت مقتدىٰ جي واسطي
(١٣) وحدت تو تنها نجي ڏي دسان شل حمد تنهنجي آمران
حضرت محمود خواجه بي ريا جي واسطي
(١٤) خاتمون ايمان سان ڪر پانهنجي احسان سان
خواجه علي سيف الجلي حق نما جي واسطي
(١٥) ڏوهن ۾ ڦاٿل آهيان در تي بيٺي باڏيان
بخشش ڪر بابا سماسي پارسا جي واسطي
(١٦) اک دل سندي روشن ٿئي بيٺي اچي آئي ويٺي
سيّد سچي ڪامل ڪلال اولياء جي واسطي
(١٧) هستي جو نقش ڪڍي ڇڏ تون نهي تو ذات ۾ ذات تنهنجي گم ٿيو
غوث اعظم نقشبند مشڪل ڪشا جي واسطي

(١٨) ڏل خوف ۾ هردم رهان سڪ سيّد جي پروڙان
خواجهٔ يعقوب چرخي پيشوا جي واسطي
(١٩) ڏکرُ و طريقت کان لهان ماهر حقيقت جوئيان
شهٔ عبيد الله فخر الاتقيا جي واسطي
(٢٠) ڏيکار نور سرهندي ڏي بوءِ عشق احمدي
خواجهٔ زاهد محمد پارسا جي واسطي
(٢١) ڏل من محبت ۾ گتو ٿيان ذات درويشن ڪتو
خواجهٔ درويش محمد مهتدي جي واسطي
(٢٢) موکي ڪبر کان دور ڪر سڪ پنهنجي ۾ جو ڪر
خواجهٔ محمد امکنه اهل صفا جي واسطي
(٢٣) فاني هُجان ڏل شوق ۾ ذاکر هجان ڏل ذوق ۾
باقي بحق واصل خدا بحر سخا جي واسطي
(٢٤) ترقي بنهين علمن اندر ٿئي اي مٺا مالڪ مهربي
شيخ احمد شهٔ امام الاولياء جي واسطي
(٢٥) حضرت مجدد الف ثاني شاهه لاثاني مِنو
حامي ٿيو سهڻو سڄڻ شاهه و گدا جي واسطي
(٢٦) ان سرهندي سردار کي ولين سندي مهدي کي
ياالٰهي ڪر وسيلو بينوا جي واسطي
(٢٧) قيوم جي خاصي لقب حسني ۽ فاروقي نسب
ٿيند واجهو آڌار ڏل هن روسياهه جي واسطي
(٢٨) ڏيدار دلبر جو ڏسان نجر پنهنجي جو پسان
خواجهٔ معصوم مصباح الهديٰ جي واسطي

(۲۹) سُنت جماعت تو گهران شل ڪين ٿئي تنهن ڪان ٿڙ ان
صبغة الله شاه آن شمس الضحيٰ جي واسطي

(۳۰) ڏي عشق پنهنجو ياخدا سڪ ۾ گذاريان پيو سدا
شاه امام العارفين دافع بلا جي واسطي

(۳۱) ڪو دوستي جو دان ڏيو، دين ۽ ايمان ڏيو
حضرت معصوم ثاني حق رسا جي واسطي

(۳۲) مان رهيو منا مؤمن ڪري ڪيهو ته مون پاڻان رهي
شاه غلام محمد سچي صاحب عِنا جي واسطي

(۳۳) ڏيو صبر جي توفيق ڪا سُرهو هي سدا مالڪ منا
سائين صفي الله ذي نور و ضيا جي واسطي

(۳۴) روضه محمد جو ڏسان ديدار پيشاني پسان
شاه فضل الله ذي فيض و عطا جي واسطي

(۳۵) ڏي شوق سنت جو خدا هڪ تِرَ نه ٿيان تنهن کان جدا
شاه عبدالقيوم عاشق با وفا جي واسطي

(۳۶) محشر ۾ ٿيان شل سرخرو ديدار ڪريان روبرو
مرشد مِني شاه عبدالرحمٰن مقتدا جي واسطي

(۳۷) سُوالي ٿيس خالي نه ڇڏ مونکي محبت سان گڏ
عاشق ٿيان شل مير محمد مجتبيٰ جي واسطي

(۳۸) سدا مڃي سُڻ ذوالمنن مرشد مِلي محمد حسن
وارث تاج و سرير انبيا جي واسطي

(۳۹) مالڪ منا ڪر ڪا مهر ڪر نظر محمد تي تنهن
پيني سندي تسليم ۽ صبر و رضا جي واسطي

(١٩) غوث اعظم، نائب نبي، ابن عربي ۽ ٻين
تنهنجي ڪئي آمد خبر ڏني تون امام الاولياءُ

(٢٠) جي سنڌ ۽ مڪو، وڌي تن کي سر سبز صراط
تن جو ايمان فاني تون امام الاولياءُ

(٢١) أَنْتَ الَّذِي بِاللهِ مِثْلُكَ لَيْسَ فِي دَهْرٍ أَبَدْ
مُقْتَدَاءِ انس جاني تون امام الاولياءُ

(٢٢) اُنْظُرْ عُبَيْدًا قَدْ أَتَى بِجَنَابِكُمْ مُتَضَرِّعًا
حَالُهُ عِنْدَكَ عَيَانِي تون امام الاولياءُ

(٢٣) تو سڪان ديدار، لئي ديدار کو ٻنهي ڪراءِ
اي وسيله عاجزاني تون امام الاولياءُ

(٢٤) دين ۽ دنيا سندا مشڪل سڀئي پورا ڪر يو
ٿئي عطا امن واماني تون امام الاولياءُ

(٢٥) ڪر سندماولاد صالح سَيِّد اسُّ هي صدا
سر براهِ خادماني تون امام الاولياءُ

(٢٦) ڪر سگهو ٻنهي مُحِبَّنْ عاشقن تي ڪا نظر
آهين قيوم جهاني تون امام الاولياءُ

(٢٧) ڪر تون ديهاني جي مُنَوَّرْ دل مجدد مهرباني
جلد ڪر ڪا مهرباني تون امام الاولياءُ

تمت بالخير

# ﴿ فائده ﴾

رساله مناجات منظومه جي ۾ حضرت قطب العارفين زيب زينت محمد دين قبله حضرت خواجه عبدالله جان المعروف به حضرت شاه آغا قدس سره سرهندي مجددي جو لکيل مضمون ۱۵ تاريخ شعبان جي فضيلت واري رات ۾ خاص دعا پڙهڻ جي ترتيب بابت ناظرين جي فائدي لاءِ هن رساله ۾ داخل ڪيو ويو آهي ته جن صاحبن کي جدا لکيل دعا هٿ نه اچي ته هن رساله تان فائدو وٺي سگهن! وَهُوَ هٰذا!

اڄ هن اکرن لکڻ وقت تاريخ ۳ شعبان سنه ۱۳۸۴ آهي. ۱۵ تاريخ هن مهيني جي شب برات آهي. اها تمام مبارڪ ۽ پيلاري رات آهي. خدا تعالیٰ پنهنجي فضل ۽ ڪرم سان هن رات آسمان دنيا تي نزول فرمائي ٿو ۽ پنهنجي مخلوقات جا فيصلا ڪري ٿو ۽ ملائڪن کي هن جي تعميل لاءِ احڪام صادر فرمائي ٿو.

آئنده سال ۾ ماڻهن جي رزق روزي جي تقسيم ۽ ماڻهن جي جيئڻ مرڻ جي تقدير ڪري مخلوقات ۾ ڏڪار سڪار ۽ حادثن بلائن مصيبتن جي نازل ٿيڻ بابت آسمانن زمينن، دريائن جبلن ۾ ننڍي وڏا سنها ٿلها جيڪي ڪم ڪرڻا ۽ سندس مشيت موجب ٿيڻا آهن تن جو اظهار ٿئي ٿو ۽ فرمان جاري ٿئي ٿو. انهن

مُحَمَّد حسن جان قُدِّسَ سِرُّهٗ) جو طريقو هي هو ته
عصر نماز کان بعد مسجد شريف ۾ باجماعت
حاضرين حلقو ڪري ويهندا هوا، اچي چادر وچ ۾
وڇائيندا هوا، انهن تي هڪ سوعدد پٿريون
پکيڙيندا هوا. پيون ته پٿريون حساب جي واسطي
پهچي اڳيان محفوظ رکندا هوا، پوءِ پائين پڪ
ڪٺي باجماعت سورة فاتحه پڙهندا هوا پوءِ درود
شريف ۱۰۰ ڀيرو پڙهندا هوا، پوءِ انهن سؤ پٿرين
مان ۲۱ پٿريون کڻي باقي ۷۹ پٿرين تي سورة
"اَلَمْ نَشْرَحْ" ۷۹ ڀيرا پڙهندا هوا پوءِ اُهي ۲۱ پٿريون
وري انهن سان گڏي سوعدد پورا ڪندا هوا
۽ جماعت ۾ تقسيم ڪري "قُلْ هُوَاللّٰهُ اَحَدٌ" شروع
ڪندا هوا ۽ هزار ڀيرا "قُلْ هُوَاللّٰهُ شريف پڙهندا.
وري پُڪ ڪٺي سورة فاتحه پڙهندا هوا ۽ تنهن
کان پوءِ درود شريف سؤ ڀيرا پڙهي "لَاحَوْلَ
وَلَا قُوَّةَ اِلَّا بِاللّٰهِ" ۵۰۰ ڀيرا پڙهندا هوا وري
درود شريف سؤ ڀيرا پڙهي "حَسْبُنَا اللّٰهُ وَنِعْمَ
الْوَكِيْلُ" پنجسو ڀيرا پڙهندا هوا وري درود
شريف سؤ ڀيرا پڙهي "لَآ اِلٰهَ اِلَّآ اَنْتَ سُبْحَانَكَ
اِنِّيْ كُنْتُ مِنَ الظّٰلِمِيْنَ" پنج سؤ ڀيرا پڙهندا هوا
۽ درود شريف سؤ ڀيرا پڙهي "يَا قَاضِيَ الْحَاجَاتِ

(۲) يَا عُرْوَتِي الْوُثْقَى الَّتِي لَا تَنْفَصِمُ

اي ڪڙا منهنجا مضبوط سو ڪڙا جو نه ڇڄندو

يَا عُمْدَتِي يَا عُدَّتِي يَوْمَ النِّدَا

اي پرديسي ڪيل منهنجا اي وسيلا منهنجا قيامت جي ڏينهن

(۳) اِسْمَحْ لِمِسْكِيْنٍ اَتَاكَ مُهَرْوِلًا

بخشش ڪر تون واسطي مسڪين جي جو آيو تو وٽ ڊوڙندو

مُتَرَجِّيًا مُتَطَلِّبًا مِنْكَ النَّدَا

اميد وارو گهرندڙ تو کان بخشش کي

(۴) تَسْخُوْ لِمَنْ يَّاتِيْكَ فِيْ حَاجَاتِهٖ

تون سخاوت ڪرين تون واسطي ان شخص جي جو آيو تو وٽ پنهنجي حاجتن لاءِ

فَنَجَاحُ حَاجَاتِيْ جُعِلْتُ لَكَ الْفِدَا

ٿيوءِ ڪامياب ٿئو پنهنجن حاجتن ۾ ڪيو ويس مان تو تان فدا

(۵) اُنْظُرْ اِلَيَّ بِعَيْنِ لُطْفِكَ رَحْمَةً

نظر ڪر تون طرف منهنجي پنهنجي مهرباني جي اک سان واسطي رحمت جي

اَنَا مِنْكَ اَطْلُبُ نَظْرَةً لَا اَزْيَدَا

مان اوهان کان هڪ ڀيرو نظر ڪرڻ ٿو گهران نه زياده

# نعتِ مُصطفیٰ

صلی اللہ تعالیٰ علیہ وآلہٖ وسلّم

مُحمّد مُصطفیٰ آهي، حبيبِ ڪبريا آهي
اُهوئي ابتدا آهي، اُهوئي انتها آهي

نہ دُنيا هُئي نہ عُقبيٰ هُئي، نہ ڪي مخلوق خلقيل هُئي
مگر اوّل سڀني کان ئي رسُولِ مُجتبيٰ آهي

خُدا خلقيو جهانن کي رسُولُ الله جي صدقي
اُهوئي رحمتِ عالم اِمامُ الانبياء آهي

ذِڪر اذڪار سڀ فاني مُحمّد جو ذِڪر باقي
سبب هي ٿيو جو خود الله سندن ئي نعت خوان آهي

صُبح سانجهي سدائين سڀ پڙهو صلوٰة سيّد تي
سڀني وِردن کان اعليٰ هي وظيفو بي بها آهي

قبر محشر ۽ دُنيا ۾ مدد ڪنهن جي نہ ٿي گھُرجي
سَهارو عبد جو هر دم رسولِ دوجهان آهي

عبدهٗ عبدالوحيد هندي عفي عنہ
دارالارشاد درگاه ٽنڊو سائينداد

۳، اگسٽ ۱۹۹۵ع

